SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريه 1972

# SINDH ACT NO.XI OF 1972

# لئنڊ رفارمس ريگيوليشن (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1972

# THE LAND REFORMS REGULATION (SINDH AMENDMENT) ACT, 1972

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. MLR نمبر 115 جي پيراگراف 4 جي ترميم

Amendment of Paragraph 4 of MLR No.115

# سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريه 1972

# SINDH ACT NO.XI OF 1972

# لئنڊ رفارمس ريگيوليشن (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1972

# THE LAND REFORMS REGULATION (SINDH AMENDMENT) ACT, 1972

[18 جولاءِ 1972]

سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ لئنڊ رفارمس جي ضابطي، 1972 ۾ ترميم جو ايڪٽ

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ چيف مارشل لاءِ ايڊمنسٽريٽر طرفان 11 مارچ 1972 تي جاري ڪيل مارشل لاءِ ريگيوليشن نمبر 115 موجب، هاڻي اسلامڪ ريپبلڪ آف پاڪستان جي وقتي آئين جي آرٽيڪل 280 جي شق (3) مطابق قانون بڻجي چڪو آهي،

۽ جيئن تہ ڄاڻايل ضابطي کي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ هن ريت ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي.

۽ جيئن اسلامڪ ريپبلڪ آف پاڪستان جي وقتي آئين جي آرٽيڪل 280 جي شق (3) مطابق صدر جي اڳواٽ اجازت

کانسواءِ کو بہ بل آٽي نٿو سگهجي جنهن سان ڇاڻايل ضابطي کي بدلايو وڃي يا رد ڪيو وڃي،

۽ جيئن تہ صدر انهيءَ ضابطي جي منظوري ڏئي چڪو آهي.

انهيءَ ڪري انهيءَ ڪي هن ريت جوڙيو پيو وڃي.

| | |
|---|---|
| مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short Title and commencement | 1. (1) هن ايڪٽ کي لئنڊ رفارمس ريگيولشن (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1972 سڏيو ويندو.<br>(2) اهو هڪدم لاڳو هوندو. |
| MLR نمبر 115 جي پيراگراف 4 جي ترميم<br>Amendment of Paragraph 4 of MLR No.115 | 2. لينڊ ريفارمز ريگيوليشن، 1972 (مارشل ريگيوليشن نمبر 115) جي پيراگراف 4، جي ذيلي پيراگراف (1) ۾ لفظ "گورنر" جيڪو بہ دفعا آيو آهي، ان کي "چيف منسٽر" جي لفظن سان بدلايو ويندو. |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**